# سنڌ ايڪٽ نمبر XXII مجريه 1974

# SINDH ACT NO. XXII OF 1974

# زرعي مقصدن خاطر قرضن وارو سنڌ ايڪٽ، 1974

# THE SINDH LOANS FOR AGRICULTURAL PURPOSES ACT, 1974

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

2. وصفون.

Definitions

3. ايڪٽ جي قانونن تي سبقت.

Act to Override Laws.

4. پاس بوڪ.

Pass Book.

5. زرعي پيداوار حوالي ڪرڻ.

Delivery of agricultural produce

6. قرضن جي ادائيگي.

Repayment of loan

7. وصولي.

Recovery

8. قاعدا.

Rules

9. ضمانت

Indemnity

10.سنڌ حڪم نامہ نمبر XVI مجريہ 1974 جي منسوخي.

Repeal of Sindh Ordinance XVI of 1974.

# سنڌ ايڪٽ نمبر XXII مجريه 1974

# SINDH ACT NO. XXII OF 1974

## زرعي مقصدن خاطر قرض وارو سنڌ ايڪٽ، 1974

## THE SINDH LOANS FOR AGRICULTURAL PURPOSES ACT, 1974

[ 23 نومبر 1974]

سنڌ ۾ زرعي مقصدن خاطر ڪوآپريٽو سوسائٽين جي ميمبرن ۾ ڪوآپريٽو بئنڪن کي قرض جي سهولتن ڏيڻ لاءِ ايڪٽ.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته اها تقاضا آهي ته سنڌ ۾ زرعي مقصدن خاطر ڪوآپريٽو سوسائٽين جي ميمبرن ۾ ڪوآپريٽو بئنڪن کي قرض ڏيڻ جي سهولت پيدا ڪئي وڃي،

ان لاءِ ايڪٽ هن ريت جوڙيو پيو وڃي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي زرعي مقصدن خاطر قرض وارو سنڌ ايڪٽ، 1974 چيو ويندو.

(2) اهو هڪدم لاڳو ٿيندو.

وصفون.
Definitions

2. (1) هن ايڪٽ جي تناظر جي برعڪس نه آهي ته پوءِ هنن اظهارن جو اهي ئي معنائون آهن، جيڪي انهن لاءِ رکيون ويون آهن، هيئن چئجي ته:

(a) "ايڊوانس" جو مطلب آهي هن ايڪٽ مطابق زرعي مقصدن لاءِ ڏنل اڳوات رقم؛

(b) "بئنڪ" جو مطلب آهي ڪوآپريٽو بئنڪ.

(c) "قرض وٺندڙ" جو مطلب آهي ڪنهن بئنڪ يا

سوسائٽيءَ جو اهو سچو ميمبر جنهن جي جملي زمين جو پٽو معاشي حاصلات کان مٿي نہ هجي.

(d) "گورنمينٽ" جو مطلب آهي سنڌ سرڪار؛

(e) "زمين" جو مطلب آهي اها زمين جيڪا زرعي مقصدن خاطر ڪم ايندڙ هجي يا زراعت جي مقصد لاءِ ڪارج واري هجي.

(f) "قرض" جو مطلب آهي جيڪو هن ايڪٽ مطابق زرعي مقصدن لاءِ قرض منظور ڪيو ويجي.

(g) "پاس بوڪ" جو مطلب آهي اهو پاس بوڪ جيڪو زرعي مقصدن واري قرض جي ايڪٽ، 1973 (Act XLII of 1973) مطابق رکيو ويجي.

(h) "چاٽايل" جو مطلب آهي، اهو جيڪو هن ايڪٽ جي قاعدن ۾ چاٽايل ويو هجي.

(i) "سوسائٽي" جو مطلب آهي ڪوآپريٽو سوسائٽي.

(2) ڪو اهڙو لفظ جيڪو هن ايڪٽ ۾ تہ ڪم آيو آهي، پر ان جو مفهوم واضح نہ ڪيو ويو آهي تہ پوءِ ان جو مفهوم مطلب اهو ورتو ويندو جيڪو انهيءَ بابت ڪوآپريٽو سوسائٽيز ايڪٽ، 1925 (Sindh Act VII of 1925) ۽ ويسٽ پاڪستان ڪوآپريٽو سوسائٽيز اينڊ ڪو آپريٽو بئنڪس (ريپمينٽ) آف لونس آرڊيننس (West Pakistan Ordinance XIV of 1966) ۾ ڏنو ويو آهي.

ايڪٽ جي قانونن تي سبقت.
Act to Override Laws

3. هن ايڪٽ جا دفعات هر انهيءَ قانون تي اثرانداز ٿيندا، جيڪو وقت بہ وقت لاڳو رهيو آهي.

زرعي پيداوار حوالي ڪرڻ.

5. (1) قرضي پنهنجي زمين جي زرعي پيداوار بئنڪ يا

Delivery of agricultural produce

سوسائٽيءَ کي ڏئي سگهندو، پوءِ صورتحال جيئن بہ هجي، يا پنهنجي بااختيار گماشتي کي ڏئي سگهندو تہ جيئن قرض، ايڊوانس يا قسط واپس ڪئي وڃي.

(2) ذيلي دفعہ (1) هيٺ ڏنل زرعي پيداوار ڪلئي مارڪيٽ ۾ کپائي ويندي ۽ ان جي ڏوڪڙن مان قرض جي معاهدي پٽاندڙ قرضن جي قسط، يا ٻيو قرض يا ايڊوانس پربو.

قرضن جي ادائيگي.
Repayment of loan

6. قرضن جي قسطن، قرض يا ايڊوانس واپس ڪرڻ واري رقم پوءِ اها نقد هجي يا زرعي پيداوار جي صورت ۾ هجي قرضئي جي پاس بوڪ ۾ داخل ڪئي ويندي ۽ جڏهن قرض يا ايڊوانس جي سموري رقم قرضيءَ طرفان جمع ڪرائي ويندي تہ هن ايڪٽ جي هيٺ اهو ذميواريءَ کان آجو ٿي ويندو.

وصولي.
Recovery

7. جيڪڏهن قرضي بئنڪ يا سوسائٽيءَ سان ڪيل معاهدي جي شرطن مطابق قرض يا ايڊوانس جي رقم وٺائڻ ۾ ناڪام وڃي ٿو تہ، اها بئنڪ يا سوسائٽي ڪنهن موجود قانوني چارئي جوئي جي انحراف ڪرڻ کانسواءِ ڪليڪٽر يا ڪوآپريٽو ڊپارٽمينٽ جي انهيءَ عملدار کي، جنهن کي ڪوآپريٽو سوسائٽيز ايڪٽ، 1925 (سنڌ ايڪٽ VII مجريہ 1925) هيٺ ڪليڪٽر جا اختيار مليل هجن کي درخواست ڏئي ٿي تہ قرضيءَ کان قرضن جي ڏراوت واپس وٺي ڏئي.

قاعدا.
Rules

8. (1) هن ايڪٽ جي مقصدن حاصل ڪرڻ لاءِ سرڪار قاعدا ٺاهي پنهنجي گزيٽ ۾ شايع ڪري سگهي ٿي.

(2) قرض وٺندڙ انهيءَ جو حقدار آهي تہ پنهنجي ملڪيت تي هڪ دفعہ لاءِ ڪنهن بئنڪ يا سوسائٽيءَ کي درخواست ڏئي قرض يا ايڊوانس وٺي سگهي ٿو.

وضاحت: هن ايڪٽ ۾ ”اقتصادي حاصلات“ جو ساڳيو ئي

مقصد آهي، جيڪو 1972 واري زرعي سڌارن جي ريگيوليشن ۾ بڌايو ويو آهي.

(3) قاعدن ۾ ڄاڻايل تناسب ۾ فرق نه هوندو:

(i) جيڪڏهن مطلوبه حد کان وڌيڪ قرضيءَ کي زمين نه هجڻ جو عدم فائدو آهي، يا ڪيس مطلوبه حد کان وڌيڪ زمين هجڻ جو فائدو آهي.

(ii) جيڪڏهن قرضيءَ کي اقتصادي حاصلات کان گهٽ زمين هجڻ جو منافعو ناهي، يا هن کي اقتصادي حاصلات کان وڌيڪ زمين هجڻ جو فائدو حاصل آهي.

ضمانت
Indemnity

9.هن ايڪٽ يا ان جي روشنيءَ ۾ ٺهيل قاعدن هيٺ نيڪ نيتيءَ سان کنيل قدم لاءِ ڪو ڪيس، ڪا مقدمي ۾ پيشي يا قانوني ڪارروائي نه ٿيندي.

سنڌ حڪم نامه نمبر XVI مجريه 1974 جي منسوخي.
Repeal of Sindh Ordinance XVI of 1974.

10. هن سان سنڌ لونس فار ايگريڪلچرل پرپزز آرڊيننس، 1974 منسوخ ڪيو ويو.

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جنهن کي ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**